ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (March to April 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-II)urdu-3

ماخذ تحقیقی مجلہ

OPEN ACCESS

CC BY NC

محمد راشد شر
پي ايچ ڊي اسڪالر سنڌي شعبو،سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

# شاه لطيف جي شاعريءَ تي دادو ديال جي شاعريءَ جو اثر

**Muhammad Rashid Shar ***
Ph.D Research Scholar, Sindhi Department, Sindh University, Jamshoro.

***Corresponding Author:**

## The Influence of Shah Abdul Latif Bhittai`s Poetry on the Poetry of Dadu Dayal

Just as every poet is shaped by the social, economic, political, and literary currents of their time, Shah Abdul Latif Bhittai similarly evolved by absorbing the minor and major religious, socio-economic, political, and literary influences of both his own period and the periods preceding it. Historically, Dadu Dayal belonged to the Tarkhan period, whereas Shah Latif was a poet of the Kalhora dynasty. Consequently, whenever preceding poets, scholars, or intellectuals disseminated profound philosophical thought, Latif not only praised their lives and ideologies but also demonstrated a deep assimilation of their wisdom. Among the figures whose philosophies Latif integrated into his poetry, Dadu Dayal holds a distinguished position. A comparative study of Dadu Dayal's life and work alongside Latif's verses reveals a definitive influence of Dayal's poetry on Latif's work. Furthermore, an examination of Dadu Dayal's philosophy, contextualized with Latif's Sur Ramkali and his extensive travels across the Sindh and Hind regions, indicates that Latif's profound reverence for jogis and samis is a remarkable reflection of the influence of Dadu Dayal and his ascetic lineage (Panth). It is, therefore, undeniable that while Latif's poetry reflects the impact of various international and regional intellectual paradigms from Sindh and Hind, Dadu Dayal remains a pivotal figure among these scholars, casting a profound influence on Latif's art, thought, and life. The primary objective of this thesis is to establish that among the various intellectuals, Sufis, saints, bhagats, samis, and jogis who influenced

Latif, Dadu Dayal holds significant prominence. By comparatively analyzing Latif's poetry with Dadu Dayal's ideology, thought, and verses, this research presents substantive examples to conclusively demonstrate the profound impact of Dadu Dayal's philosophy on Shah Abdul Latif Bhittai.

**Key Words:** *Shah Abdul Latif Bhittai, Poetry, Dady Dayal's, Research.*

شاه لطيف ۽ دادو ديال جي شاعري ۽ سندن فڪري هڪجهڙائيءَ تي ڳالهائڻ کان اڳ ۾ هتي سڀ کان پهريان دادو ديال جي زندگيءَ جو ذڪر ڪنداسين، جو ته ايستائين اسان لطيف ۽ دادو ديال جي ڪلام، فڪر ۽ نظريي جي هڪجهڙائيءَ کي پرکي نه سگهنداسين جيستائين دادو ديال جي زندگيءَ حالتن ۽ نظريي کي نه سمجهي سگهنداسين. دادي ديال ۽ شاه لطيف جي ڪلام ۾ هڪجهڙائي بيان ڪرڻ کان پهريان هتي دادو ديال جي فڪر زندگيءَ کي بيان ڪجي ٿو.

**دادو ديال**

دادو ديال اوائلي ويدانتي، شاعريءَ جو اهم شاعر ۽ برهمچاري ٿي گذريو آهي. ڪيس سنڌي ۽ هندي ادب جي اوائلي تاريخ ۾ ڏاڍي اهميت حاصل آهي. دادو ديال ١٥٤٤ع ڌاري اولهه راجستان ۾ ڄائو ۽ ١٦٠١ع ڌاري لاڏاڻو ڪري ويو. دادو ديال کي سنڌ ۾، سنڌي شاعريءَ جي حوالي سان به اهميت حاصل آهي.

”دادو ديال پنهنجي وقت جو وڏو پَڳت ۽ درويش ڪوي هو ۽ گهڻو شعر چيائين جيڪو سندس چيلن جا بجا مشهور ڪري ڇڏيو، پر انهيءَ ۾ به ڪو شڪ ڪونهي ته ڪانئس پوءِ بين پڻ سندس نالي سان دوها ٺاهي مشهور ڪري ڇڏيا. سندس اصل صحيح ڪلام کي فقط سندس دوهن جي سٽاءَ ۽ اسلوب بيان مان ئي ڪنهن حد تائين پرکي سگهجي ٿو. سنڌ ۾ مشهور دادو جا بيت اڪثر سندس نالي سان ئي شروع ٿين ٿا.“ (١)

دادو ديال جا هندي دوها ۽ ڪجهه سنڌي بيت جيڪي شاه لطيف جي رسالي جي سر بيراڳ ۽ سنڌي ادب جي تاريخن وارن ڪتابن ۾ موجود آهن. دادو ديال جي ڪلام تي ۽ شاه لطيف جي شاعريءَ تي گهڻو اثر رکندڙ شاعر قاضي قادن جي شاعريءَ جو اثر معلوم ٿئي ٿو، جنهن جو هڪ وڏو ڪارڻ اهو به آهي جو دادو ديال جوڳين سامين سان گڏ سنڌ جو ديس گهميو هيو، ۽ دادو ديال قاضي قادن کي پنهنجو مرشد به مڃيندو هيو.

”دادو ديال قاضي قادن کان تمام گهڻو متاثر هو. اڄ جڏهن قاضي قادن جا وڏيڪ اڻ لڀ شعر به اسان کي راجستان جي شهر هرياڻا مان مليا آهن. دادو ديال خود به وڏو پڳت هيو پر قاضي قادن سندس روحاني رهبر هو.“ (٢)

بنيادي طور تي دادو ديال جو تعلق دادو پنٿ نالي هڪ نظريي سان هيو. دادو پنٿ نظريو خود دادو ديال جي ايجاد آهي. هن پنٿ سلسلي جي نظريي ۾ چئن

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (March to April 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-II)urdu-3

قسمن جا ساڌو شامل هوندا آهن. جيڪي هن ريت ورهايل آهن. ١ ڪاڪي. ٢ ورڪت. ٣ نانگا. ٤ ٿانياداري.

١- ڪاڪي:

هي پنٿ پنهنجي جسم تي ڀڀوت (مٽي) مَليندا آهن ۽ مٽي تي وارن جي چڳ نموني چوٽي ٺڏيندا آهن. اهڙن ئي ڀڀوتن، ڏوپ مليندڙن کي لطيف هن ريت بيان ڪيو آهي.

"ٻُـــــڪ اُنين جي ٻڪيا، ڏوڙ اُنين جو ڏوپ،
ڪيائون، سوئي روپ، جيان لوڪ لڄ ٿئي.
(رامڪلي_ ب ١٩ د ٩)

٢- ورڪت يا ورڪٿاس:

ورڪت يا ورڪٿاس گيڙو رنگ جا ڪپڙا پهريندا آهن، ۽ هو هٿ ۾ پيالو رکندا آهن. سندن پچن ڪرڻ، ڳائڻ خاص مشغلو هوندو آهي، ورڪت سلسلي جي پنٿن جو ڪنهن هڪ جڳهه تي گهر ٺهيل ناهي هوندو بلڪه هو لاڏائو ٻٽجي خانه بدوش زندگي گذاريندا آهن.

٣- نانگا:

هن سلسلي جا پنٿ ڪنن ۾ واليون پائڻ سان گڏ ڪاڪي پنٿن جيئن مٽي جي چوٽي به رکائيندا آهن. اهڙن نانگن کي به لطيف پنهنجي سُر رامڪلي ۾ هن ريت ڳايو آهي:

نانگا نانيءَ هليا، هنگلاجان هـــــــــــــلي،
ديـــــــــکي تن دوارڪا، مهيسين ملهي،
آڳهه جن علي، آئون نه جيئندي ان ري.
(رامڪلي_ ب ١٥ د ١)

٤- ٿانياڌاري:

ٿانيا ڌاري ۽ "نانگا" پڻ اڇو لباس پهريندا آهن، ٻني ٻاري جو ڪم ڪار ڪري پيٽ گذر ڪندا آهن. هي مٿو به ڪوڙائيندا آهن. دادو سلسلي جا هي پنٿي عام مورتي پوڄا به نه ڪندا آهن نه ئي وري سندن ڪو مقرر مندر آهي، هو صرف هڪ رام (سچي ڏٽي) کي اتم سمجهي ان جو نالو وٺندا آهن. باقي هو مذهبي رواداري ۽ عقيدت جا به خوب قائل آهن. دادو پنٿ جا ڪل ٥٢ ديار هئا، جن مان ٥٢٠ نکون ٺهيون. هن پنٿ ۾ گهڻو ڪري برهمڻ، کتري، راجپوت، جت ۽ گجر ذاتين جا ماڻهو گهڻا شامل ٿا ڏسجن. دادو پنٿ جا ماڻهو دادوءَ کي عقيدت منجهان پنهنجو گرو سمجهي پرنام ڪندا آهن. ڏينهن

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (March to April 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-II)urdu-3

جو زندگيءَ جي ڪمن ڪارين ڪان آجا ٿي لڙي سچ جي وقت هو پوڄا ڪري ڏيئا ٻاريندا آهن.

دادو ديال جي زندگيءَ جو مطالعو ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته هن جا ڪجهه تيرٿ پيالو، چولو ۽ چاکڙي هڪ غار ۾ رکيل آهن، جتي دادو ديال پنهنجي زندگيءَ ۾ رهي پوڄا ڪندو هيو، اُها غار اڄ به سمبار ۾ موجود آهي. دادو جي ان پنٿ ۾ اڄ به جيڪڏهن ڪو شخص شامل ٿيندو آهي ته پهريان ان کي هن پنٿ جو چلو پچائڻو پوندو آهي. هن پنٿ ۾ شامل ٿيندڙ هر ماڻهو لاءِ اها پابندي هوندي آهي ته هو ڪنهن ساهواري شيءِ جو گوشت نه کائيندو، برهمچاري ٿي رهندو ۽ پني کائيندو. پنٿ ۾ شامل ٿيندڙ هر فرد کي اهڙيون نصيحت آموز هدايتون ۽ پابنديون سندس گُرو ڏيندو آهي. پنٿ ۾ شامل ٿيندڙ شخص جون مڇون ڏاڙهي ۽ مٿو گُرن ۽ ساڌن جي موجودگيءَ ۾ ڪوڙيو ويندو آهي.

**شاه لطيف جي شاعريءَ تي دادو ديال جي شاعريءَ جو اثر**

”شاه لطيف جي دور تائين، ننڍي کنڊ جي شاعري پڻ اوسر جي چوٽ تي پهچي چڪي هئي. سنسڪرت ۽ ان ڪانپوءِ اپڀرنش ۽ هنديءَ جو ادب، ويدن، اپنشدن، مها ڀارت ۽ رامائڻ کان ٿيندو، ڪرشن ڀڳتيءَ ۽ رام ڀڳتيءَ کان اڳتي هلي ”نرهن واد“ تائين اچي پهتو. هندي ادب ۾ ڀڳمت جي ”ناٿ پنٿي“ تحريڪ جو اثر پڻ سمائجي ويو هو. ڪاليداس، تلسي داس، ميران ٻائي، هيم چندر، چندر بردائي، ملڪ محمد جائسي، عبدالرحيم خان خانان، ڪبير ڀڳت، دادو ديال ۽ ٻيا شاعر پنهنجو وارو وڄائي چڪا هئا.“ (۳)

جيئن ته دادو ديال جو سنڌي ڪلام ڪو گهڻو نٿو ملي، پر سندس جڏهن ٿورڙي ڪلام ۽ زندگيءَ کي پرکجي ٿو ته ان وٽ ويدانيتي ۽ همه اوست جو پريو فڪر ملي ٿو. جتي دادو ديال خدا کي پاڻ ۾ پسڻ واري ڳالهه ڪري ٿو ايئن لطيف به خدا کي پاڻ ۾ پسڻ واري پيغام جو قائل رهي دادو ديال جهڙن الله لوڪ درويشن جي فڪر کي اڳتي وڌائيندي نظر اچي ٿو. هتي سڀ کان پهريان دادو ديال جا اهي سنڌي بيت ڏجن ٿا جن جو فڪر لطيف ۽ دادي ديال ڪانپوءِ وارن صوفي شاعرن جي شاعريءَ ۾ سمايل آهي.

**دادو ديال جي شاعري**

دادو ديال جا هيٺيان سنڌي بيت جن جو شاه لطيف جي ڪلام تي اثر آهي اهي دادو ديال جا بيت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتاب ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“ تان ورتا ويا آهن.

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (March to April 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-II)urdu-3

دادو جهاتي پائي پس پري، هئه لاءِ مَ وير،
ســــــٹ سپوئي هليو، پوءِ پسندؤن ڪير.

دادو! غافل چو وتــين، منجهين رب نهار،
منجهيئي پي پاڻ جو، منجهيئي ويـــــچار.
دادو غــافل چو وتين آهـــــــي منجهه الله،
پيري پاڻ جو پاڻ سين، لهي سپوئي ساء.

دادو جين تيل تيلن ۾، جين ڳنڌ ڦلـــن،
جين مکڻ کير ۾، تين رب رهـــــــــــن.
(دادو ديال)

دادو ديال جي مٿين شعرن جو اهو مفهوم واضع طور چٽو پيو ٿو ڏسجي ته دادو پنهنجي ڪلام ۾ خدا کي انسان ڪائنات ۾ فطرت ۾ تحليل سمجهي ٿو. هو ان ڳالهه جو قائل آهي ته خدا خود فطرت انسان ڪائنات سان مليل آهي، دادو ديال کي جيڪڏهن ابتدائي ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جي ويدانيتي شاعرن جي صف ۾ بيهاربو ته غلط نه ٿيندو. اهڙي طرح ساڳئي فڪر فلسفي جو اثر دادو ديال کانپوءِ جي سنڌي شاعرن وٽ به ملي ٿو، اهڙن شاعرن جي ڪڙي مان شاه لطيف به هڪ آهي. پاڻ هتي هو بهو دادو ديال جي شاعريءَ جي اثر هيٺ چيل لطيف جا اهي شعر ڏيون ٿا جن ۾ لطيف دادو ديال واري فڪر جي پاسداري ڪندي سنڌي شاعريءَ جي صوفياڻي عارفاڻي پيغام کي سگهارو ڪري اڳتي وڌايو آهي.

**شاه لطيف جي شاعري**

ڪـــــــڙو منجهه ڪڙي، جئن لُهار لپيٽيو،
منهنجو جي جُڙي سُپيريان سوگهو ڪيو.
(سر برور- ب ۵ د ۲)
هُو پڻ ڪونهي هِن ري، هيُ نه هُنهان ڌار،
الا نسان سري وانا سره پـــروڙج پـــــــچار،
ڪندا ويا تنوار، عالـــم عارف اهـــــــــڙي.
(سر آسا- ب ۴ د ۱)
جـــــو تون ڏورئين ڏور سو سدا آهي ساڻ تو،
لالـــــن لَءِ، لطيف چئي، مُنجهي ٿي معـــــذورِ!،
مـنجهان پَنئُن، پروڙ، تو منجهه آهـس تڪيو.
(سر آبري- د ۳ ب ۶)

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (March to April 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-II)urdu-3
ماخذ تحقیقی مجلہ

**شاه لطيف جي شاعريءَ ۾ دادو (پنٿ) زندگيءَ جو ذڪر**

مٿي دادو پنٿ سلسلي جي فقيرن جي مختلف قسمن ۽ دادو ديال جي نظريي ۽ فڪر جو ذڪر ڪري آيا آهيون. دادو ديال پنٿ جي اهڙن رمتن، جوڳين، نانگن، پيوتن سميت ٻين ڪيترن ئي ان الله لوڪ فقيرن جو ذڪر شاه لطيف وٽ به ملي ٿو جن سان لطيف جي ڏاڍي عقيدت ٿي ڏسجي. ايتري قدر جو لطيف دادو پنٿ جي اهڙن فقيرن سان سفر ۾ به گهڻو وقت گذ رهيو آهي. شاه لطيف وٽ اهڙن پنٿي فقيرن مان ڪمال درجي جي محبت جو اظهار سندس سر رامڪلي ۾ واضع طور ملي ٿو. شاه لطيف پنهنجي سر رامڪلي ۾ ان پنٿ جوڳين جي ئي ساراه ڪئي آهي جن جو تعلق دادو ديال پنٿ سان آهي. لطيف اهڙن جوڳين سان زندگيءَ جو گهڻو وقت سفر به ڪيو ۽ ڪانئن گهڻو ڪجهه پرايو، پاڻ جيڪي به ان آديسين جي صحبت مان پرايائين تنهن جو پنهنجي سر رامڪلي ۾ اظهار ڪيو اٿس، لطيف ان فقيرن کي ڪيترن ئي نالن سان سڏيو آهي، جن ۾ جوڳي، لاهوتي، ويراڳي، ڪاپڙي، بيراڳي، بابو، بيڪاري، نانگا، سامي، آديسي، سنياسي، ڪن ڪٽ، ڪنوٽيا، صابري، جيروتي، وغيره. شاه سائين جي شاعريءَ مان ان آديسين سان ڪيل محبت جي اظهار جا هتي ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا.

نـــــــــــــوري ۽ ناري، جوڳيڙا جهان ۾،
ٻري جن ٻاري، آئون نہ جيئندي ان ري.
(رامڪلي_ ب ١ د ١)

وارو ويراڳين کي، ويـل مَ وســــــــــــــــاريج،
قــــــــــــــــــــــــــدم ڪاپڙين جا، ليلائي لهيج،
پيـــرت پسيو پٽ جي، وڃڻ کـــــــــــي وجيج،
راتـو ڏينهن رڙهيج، آئون نہ جيئندي ان ري.
(رامڪلي_ ب ٣ د ١)

شاه لطيف جي جوڳي پنٿن سان ڪيتري تہ محبت هئي ان جو اندازو سر رامڪلي جي مٿين بيتن مان لڳائي سگهجي ٿو، تہ هن انهن جوڳين سان محبت ۾ آئون نہ جيئندي ان ري جهڙا لفظ استعمال ڪيا آهن جو ڪيس جوڳين سان ايترو پيار ٿي ويو جو هن کي ان الستي فقيرن کانسواءِ جيئڻ ۾ چڻ تہ ويڳاڻپ پئي محسوس ٿي.

ستين ڏينهن سيد چئي، ڏاڄا ڏوتائـــــون،
اپي الک سامهون، ڀانهون ٻڏائـــــــــــون،
وڏيءَ ڪنهن ولات جا، اُهڃ آندائـــــــون،
روح پنهنجو رام سين، پر ۾ پـــوتائون،
ڪٽيو کدائون، لڪا پٽن لـــــــــــــوڪ ۾.
(رامڪلي_ ب ٧ د ٢)

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (March to April 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-II)urdu-3



ڪن ڪٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪنوٽيا ڪن چير،
ســـــــــــــــدا وهن سامهان، عاشق اتر هــير،
تـــــــــسا ڏيئي تن کي، ساڙيائون ســـــــــرير،
جي فنا ٿيا فقير، هلو! تـــڪيا پسون تن جـــــا.
(رامڪلي_ ب ٣ د ٣)

جيئن پاڻ مٿي پنٿ قبيلي جي فقيرن جا مختلف قسم بيان ڪري آياسين جن جو تعلق دادو پنٿن سان هيو، بلڪل ساڳين سامين جا مختلف رنگ ڍنگ ۽ سندن عادتون شاه لطيف به بيان ڪري ٿو ته هو عبادت ڪيئن ٿا ڪن، هو پنهنجو پاڻ کي تڪليفن ۾ وجهندي به ڪنهن ٻي کي تڪليف ڏيڻ پسند نٿا ڪن، لطيف اهڙن جا تڪيا پسڻ سان گڏ خود اهڙو درويش ٿيڻ لاءِ به ڪٿي ڪٿي اداس ٿيندو ڏسجي ٿو.

جــــــــــــي پائئين جوڳي ٿيان، ته منهن ۾ منڊا پاءِ،
ڪنين ڪين وجائيو، جن ۾ ڪوڙين ڪکر وڌاءِ،
چـــــــــــــــــــــــڏ چادر، ٻڌ چمڙا، جُتي تون نه جُڳاءِ،
تـــــــــــــــــــــــه ساميڙا! سندياءِ، گُر وٽ گلا نه ٿئي.
(رامڪلي_ ب ٥ د ٤)

هن جوڳي فقيرن جي پنٿ ۾ اهو ماڻهو شامل ٿيندو آهي جيڪي هن سفر جي لائق ۽ قابل طبيعت رمتو فقير هوندو آهي، لطيف به ساڳئي ڳالهه ڪندي اها هدايت ڪندي چيو آهي ته هن پنٿ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ پاڻ کي لائق ڪر جيئن گرو مرشد وٽ تنهنجو مان ٿئي نڪي پنهنجي گرو وٽ گلا لائق ٿئين. مجموعي طور تي دادو ديال جي زندگي ڪلام ۽ سندس فن فڪر کي جڏهن شاه لطيف جي ڪلام خاص ڪري شاه جي سُر رامڪلي سان پيتجي ٿو ته اها ڳالهه واضع طور ملي ٿي ته شاه لطيف نه صرف دادو ديال پنٿ سلسلي جي درويشن مان متاثر هيو بلڪه هن پنهنجي شروعاتي زندگيءَ ۾ ان فقيرن سان به رهاڻيون ڪيون، انڪري چئي سگهجي ٿو ته شاه لطيف تي جن شاعرن جي فن فڪر جو اثر رهيو آهي دادو ديال جو نالو به ان عالمن شاعرن جي صف اول ۾ اچي وڃي ٿو.

**نتيجو**

جهڙيءَ ريت هر شاعر پنهنجي دور جي سماجي، اقتصادي، سياسي توڙي ادبي ڌارائن جو اثر قبول ڪري ٿو بلڪل ساڳئي طرح شاه لطيف به پاڻ کان اڳ يا وري پنهنجي دور جي هر ننڍي وڏي مذهبي، سماجي، اقتصادي، سياسي ۽ ادبي ڌارا جو اثر قبولي اڳتي وڌيو آهي. بنيادي طور تي دادو ديال جو واسطو ترخان دور سان هيو، ۽ شاه لطيف ڪلهوڙا دور جو شاعر آهي. انڪري شاه لطيف کان اڳ ۾ جنهن به شاعر، عالم، ڏاهي دنيا جي جنهن به سگهاري فلسفياڻي فڪر کي پنهنجي انداز ۾ وکيريو آهي شاه لطيف هر ان ڏاهي جي زندگي ۽ فڪر جي نه صرف واڪاڻ ڪندي نظر آيو آهي بلڪه اهڙي ڏاهپ کان گهڻو

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (March to April 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-II)urdu-3

متاثر ٿيندي بہ نظر آيو آهي. لطيف جنهن بہ فڪر فلسفي جو اثر قبولي ان کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جڳهہ ڏني آهي اهڙن شاعرن جي صف ۾ دادو ديال جو نالو بہ قابل تعريف آهي. دادو ديال جي شاعري ۽ زندگيءَ سان گڏ شاہ لطيف جي شاعريءَ جو مطالعو ڪرڻ سان خبر پوي ٿي تہ شاہ لطيف جي شاعريءَ تي دادو ديال جي مختصر شاعريءَ جو تہ اثر آهي ئي آهي پر جڏهن دادو ديال جي فڪر زندگيءَ جو مطالعو ڪجي ٿو تہ اسان کي لطيف جي سر رامڪلي ۾ سندس پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيل سنڌ هند جي سفر مان خبر پوي ٿي تہ لطيف جن جوڳين سامين فقيرن سان گهڻي عقيدت جو اظهار ڪيو آهي اهي دادو ديال ۽ سندس پنٿ سلسلي جي فقيرن جي اثر جو ڪمال آهي. انڪري ان ڳالھ کان ڪڏهن بہ انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ جيئن لطيف جي شاعريءَ تي سنڌ هند سميت دنيا جي بين الاقوامي مختلف فڪري لاڙن جي شاعرن عالمن جو اثر رهيو آهي اهڙن شاعرن عالمن جي صف مان دادو ديال بہ هڪ آهي جنهن جي فن فڪر نظريي جو لطيف جي ڪلام زندگيءَ تي وڏو اثر چانيل نظر اچي ٿو. هن مقالي جو حاصل مقصد بہ اهو ئي ڪيو ويو آهي تہ شاہ لطيف تي جن بہ ڏاهن صوفين، سنتن، ڀڳتن، سامين، جوڳين جي زندگين جو اثر رهيو آهي انهن مان دادو ديال بہ هڪ آهي. اهڙو اثر هن مقالي ۾ دادو ديال جي نظريي فڪر شاعري سان گڏ شاہ لطيف جي شاعري سامهون رکي مثالن سان پيش ڪري اهو ثابت ڪيو ويو آهي تہ شاہ لطيف تي دادو ديال جي فڪر جو وڏو اثر پڻ آهي.

## حوالا

1: بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ۱۹۹۰ع، ص ۲۹۴.

2: ملاح، مختيار احمد،”سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو“، نيو ڪانٽياواڙ اسٽورز، اردو بازار ڪراچي، ۲۰۱۸ع، ص ۱۰۸.

3: عباسي، تنوير،”شاہ لطيف جي شاعري“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ۲۰۱۵ع، ص ۲۱.